دفتري لغت

مرتب

خالد آزاد

خان محمد جروار

چيف ايڈيٽر

ڈاڪٽر فهميده حسين

ISBN 978-969-9098-13-0

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

دفتري لغت

مرتب

خالد آزاد

خان محمد جروار

چيف ايڈيٽر

ڈاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2009ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (137)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

دفتري لغت

مرتب: خالد آزاد ۽ خان محمد جروار

چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين

ڇاپو: پهريون، 2009ع

تعداد: 1000

قيمت: 500/= روپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Khalid Azad & Khan Muhammad Jarwar
Dictionary of Official Terms
English & Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-13-0

Dictionary of Official Terms

By:	Khalid Azad & Khan Muhammad Jarwar
Editor in Chief:	Dr. Fahmida Hussain
Edition:	First, 2009
Quantity:	1000
Price:	Rs. 500 /=
Composed by:	Ihsan laghari and M. Ramzan Turk
Title:	M. Ramzan Turk
Printed by:	Sindhu Publications, Hyderabad, Sindh.
Published by:	Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel:	022-9240050-52
Fax:	022-9240051
E-mail:	sindhila@yahoo.com
Website:	www.sindhila.org
Digitized by	M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءَ دفتري لغت، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدر باد، ميشرس سنڌو پبليڪيشنز حيدرآباد ڪاز چپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد. سڌ مان پڌري ڪئي.

انتساب

لغت نويسيءِ لوڪ ادبِ جي ڄاڻوءِ

اسان جي سائينءَ

شيخ محمد اسماعيل

جي ٿالي

ناشر نوٽ

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي مکيه ۽ بنيادي مقصدن مان هڪ اهو به آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو استعمال مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري دفترن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ڪاروهنوار ۾ يقيني بنائجي. انهيءَ مقصد ۾ ڪاميابيءَ لاءِ پهرئين قدم طور اٿارٽيءَ پاران ڏانهن ڪپڙهه سنڌيءَ ۾ ڪرڻ باوجود اُن جي موٽ سنڌيءَ ۾ نه پئي ملي، جنهن جو جواز اهو ٿو ڏنو وڃي ته انگريزيءَ جي دفتري اصطلاحن جا متبادل سنڌي اصطلاح موجود ڪو نه آهن. جتي جذبو هجي ۽ پختو ارادو هجي، اُتي اهي جواز ڪا حيثيت نه رکندا آهن، پر تنهن هوندي به اها گهُر آجائي ڪانهي. اهو سوچي هيءَ **"دفتري لغت"** تيار ڪرائي وئي آهي، جنهن جو مکيه ڪم اداري جي ٻن محنتي ڪارڪنن **خالد آزاد ۽ خان محمد جروار** ڪيو آهي. هن لغت جي تياريءَ لاءِ ڪيترين ئي انگريزي ۽ اردو لغتن کي سامهون رکيو ويو آهي، خاص ڪري مفتدره قومي زبان جي ڇپايل **"دفتري اصطلاحات"** مان گهڻي مدد ورتي وئي آهي. جيئن ته اردو زبان ۾ تز لفظ حاصل ڪرڻ لاءِ عربي ۽ فارسي زبانن مان گهڻي مدد ورتي وڃي ٿي ۽ سنڌيءَ ۾ همیشه ائين ڪرڻ ممڪن ڪونهي، اُن ڪري ڪٿي ڪٿي مترادفن بدران لفظن جا جوڙ ڏيڻا پيا آهن، جيڪا ڳالهه مقصد کي واضح ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي ۽ گهڻي استعمال سان اُهي مروج به ٿي ويندا. اڃڪلهه ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪيترن ٽيڪنيڪي لفظن ۽ اصطلاحن جا متبادل اصطلاح گهڙڻ يا تز لفظ مترادفن طور حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو عمل آهي. اُن ڪري انهن کي جيئن جو تيئن رکڻ بهتر آهي. البت انهن جي ويجهو ڪو لفظ يا اصطلاح موجود آهي ته اُهو به ڏنو ويو آهي.

اسان کي اميد آهي ته هن **لغت** جي اڇڻ کان پوءِ سنڌ ۾ هر قسم جي ادارن ۽ سرڪاري ۽ غير سرڪاري آفيسن ۾ لکپڙهه لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال يقيناً ڪيو ويندو.

حيدرآباد، سنڌ.

- ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن

پيش لفظ

عام طور **'دفتري لغت'** مان مراد، اهڙي لغت ورتي ويندي آهي، جنهن ۾ دفترن اندر روز مره جي دفتري ڪاروهنوار ۾ واهپي ۾ ايندڙ لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ڏنل هُجي، پر هيءَ لغت اُن کان ڪجهه مختلف آهي. هن لغت ۾ نه صرف روز مره جا دفتري اصطلاح شامل آهن، پر مختلف ڪاتن جا نج پنهنجا اصطلاح ۽ لفظ به شامل آهن، جيڪي هر ڪاتي ۾ مختلف ڪم ايندا آهن. اُن لحاظ کان هن لغت کي **'جامع دفتري لغت'** پڻ چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن لغت ۾ ٻيلي ڪاتي کان وٺي ڪسٽم تائين، ناٽي ڪاتي کان وٺي ماهيگريءَ تائين، ۽ بچاءَ (Defence) واري ڪاتي کان وٺي زراعت ڪاتي ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ جي تقريباً سمورن ڪاتن جا اصطلاح ۽ اُنهن جون سنڌي معنائون ۽ مترادف لفظ ڏنا وبا آهن.

هن لغت جي تياريءَ ۾ ترتيب ۾ 'مقتدره قومي زبان' (National Language Authority) جي لغت **'دفتري اصطلاحات'** کي بنياد بڻايو ويو آهي، جڏهن ته 'سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ' جي **'دفتري لغت'** کي شامل ڪرڻ سان گڏ، سنڌيڪا اڪيڈميءَ جي **'انگريزي- سنڌي لغت'**، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي **'اردو- سنڌي لغت'** (عبدالستار بلوچ)، **'سنڌي- سنڌي انگريزي لغت'** (رشيد احمد ميمڻ) ۽ ٻين ڪيترين ئي لغتن مان مدد ورتي وئي آهي. اهڙيءَ ريت ڪوشش ڪئي وئي آهي ته هن لغت ۾ روز مره جي دفتري اصطلاحن سان گڏ، سمورن ڪاتن جي لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ پڻ ڏجي، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ريت دفتري استعمال ۾ اچن ٿا.

لغت جي تياريءَ ۾ ترتيب ۾ ڪوشش ڪئي وئي آهي ته لفظن ۽ اصطلاحن جا نج سنڌي مترادف يا نج سنڌي معنائون ڏجن. پر ڪٿي ڪٿي اُن ڪم ۾ وڏي مشڪل پيش آئي

آهي، جو ڪيترائي اصطلاح اسان وٽ انگريزيءَ جا ئي مروج ٿي چُڪا آهن، جن جو سنڌي ترجمو ممڪن نہ آهي. مثال طور ڪيترائي اهڙا عهدا آهن، جن جا سنڌي مترادف موجود نہ آهن. اُن ڪري بهتر سمجهيو ويو تہ انهن جي سنڌي نعم البدل معنيٰ سان گڏ اصل انگريزي اصطلاح/ عهدا ڏنا وڃن، جو هڪ تہ اهي عام استعمال ۾ اچي چڪا آهن ۽ ٻيو مناسب مفهوم ۾ ادا ڪن ٿا. ماضيءَ ۾ اسان جي عالمن اهڙا ڪيترائي لفظ اصل صورت ۾ برقرار رکي، اسان جي ٻوليءَ ۾ نون لفظن/ اصطلاحن جو واڌارو ڪيو آهي. ائين انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ به آهي ۽ هر ترقي يافته ٻولي اها 'لفظن جي اوڌر' ونندي آهي، جيڪا سڀاويڪ پڻ آهي. هن سلسلي ۾ لفظن ۽ اصطلاحن گهڙڻ (Coin) جي به ضرورت آهي، جيڪو ڪم ٻوليءَ ۽ لسانيات جا ماهر ڪري سگهن ٿا، ۽ ان طرف سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي ضرورت آهي.

هن لغت جي تياريءَ ۾ ڪيترن ئي دفتري اصطلاحن لاءِ اسان اداري جي سيڪريٽري سائين تاج جويي ۽ ڊائريڪٽر پبليڪيشن ۽ پراڊڪشن سائين امين محمد لغاريءَ کان وقت به وقت تصديق ۽ رهنمائي پڻي ورتي آهي، اُن لاءِ اسين سندن ٿورائتا آهيون. اداري جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين نہ صرف اداري جي سربراهہ جي حيثيت ۾ هن لغت جي ڪم جي تڪڙي اڪلاءُ لاءِ نگراني ڪئي آهي، پر ذاتي طور هن لغت تي ڪم به ڪيو آهي ۽ سڄي لغت کي تفصيلي طرح پنهنجي نظر مان ڪڍيو آهي، ان لاءِ اسان خاص طرح سندس احسان مند آهيون. ڊاڪٽر صاحبہ جي اهڙي دلچسپيءَ جي ڪري ئي هيءَ رڃا وقت اندر مڪمل ٿي سگهي آهي.

محترم محمد رمضان ۽ احسان لغاري، اسان سان گڏ ويهي، هر مرحلي تي نہ صرف هن لغت جي ڪمپوزنگ ۽ سيٽنگ جو ڪم ڪيو آهي، پر ڪيترن ئي ٻين معاملن ۾ اسان جو هٿ وندايو آهي، جنهنڪري هن لغت تي سندن محنت ساراهڻ جوڳي آهي.

اُميد آهي تہ هن لغت جي اشاعت سان سنڌ سرڪار جي ڪاتن توڙي ٻين سرڪاري نيم سرڪاري ۽ خودمختيار ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ۾ مدد ملندي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو دفتري استعمال بهتر طور ممڪن ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ.
02 نومبر 2009ع

ـ خالد آزاد
ـ خان محمد جروار

A

Abacterial	جيوڙن کان پاڪ
Abactor	چوپائي مال جو چور
Abacus	انگ ڳڻڻو- ڪيلڪيوليٽر جو پراڻو قسم
Abandon	تياڳڻ- ترڪ ڪرڻ- هٿ کڻي وڃڻ
Abandoned	ڇڏيل- تياڳيل- لاوارث- متروڪ
-child	ڇڏيل ٻار- لاوارث ٻار
-educational-institutions	لاوارث تعليمي ادارا
-grant	غير مستعمل رقم- لاوارث عطيو- لاوارث گرانٽ
-property	لاوارث ملڪيت
-stocks	ڇڏيل ذخيرا- لاوارث ٻوڙي
-vehicle	لاوارث گاڏي
Abandonee	دست بردار- هٿ کڻندڙ
Abandonment	هٿ کڻڻ- دست برداري
-and laches	پيروي نه ڪرڻ
-and surrender	ڇڏڻ ۽ پيش پوڻ- ڇڏڻ ۽ هٿ کڻڻ
-of action	عمل تان هٿ کڻڻ- دعوي تان هٿ کڻڻ
-of children	ٻارن تان هٿ کڻڻ
-of claim	دعوي ڇڏڻ/ هٿ کڻڻ
-of claims to revenue	محصول جي مطالبن تان هٿ کڻڻ
-of distress	ايذائيندڙ ڪارروائيءَ تان هٿ کڻڻ
-of domicile	شهريت ڇڏڻ
-of easement	آسائش جي حق تان هٿ کڻڻ
-of excess	واڌ جي مطالبي تان هٿ کڻڻ
-of execution	تعميل تان دست برداري
-of revenues	محصولن تان هٿ کڻڻ
-of right	حق تان دستبرداري- حق ڇڏڻ
Abasement	ذلت- خواري
Abashment	خفت- شرمساري
Abate	گهٽ ڪرڻ- گهٽائڻ

Abatement	تخفيف- گهٽتائي- ناپر
-of action	عمل جي گهٽتائي
-of annuity	سالياني جي گهٽتائي
-of appeal	اپيل جي گهٽتائي
-of land revenue	ايراضيءَ جي محصول ۾ گهٽتائي
-of legacy	وراثت ۾ گهٽتائي
-of legal proceedings	قانوني ڪارروائيءَ ۾ گهٽتائي
-of litigation	مقدمي بازي ترڪ ڪرڻ
-of nuisance	ايذاءَ جوازالو- ناراضگيءَ جوازالو
-of purchase money	زر خريد ڪرڻ ۾ گهٽتائي
-of rent	مسواڙ ۾ گهٽتائي- جمع بنديءَ ۾ گهٽتائي
-of suit and bar of suit	مقدمي جو رڪجڻ ۽ ختم ٿيڻ
-of suit by death	وفات سبب مقدمو رڪجڻ- ختم ٿيڻ
-of tax	محصول ۾ گهٽتائي- ٽيڪس ۾ گهٽتائي
Abater (Abator)	ڪيرائيندڙ- ڪرڻ جو سبب
Abbreviate	اختصار ڪرڻ- گهٽائڻ
Abbreviated	مخفف- مختصر
-address	مختصر پتو
-designation	مختصر عهدو- عهدي جو مخفف
-telegraphic address	تار جو مختصر پتو
Abbreviation	اختصار- مخفف- خلاصو
-of adjudication	قانوني فيصلي جو خلاصو- عدالتي حڪم جو خلاصو
Abbreviation and contraction	مخفف ۽ اختصار- خلاصو
Abbreviature	مختصر مسودو
Abbroach	ذخيره اندوزي
Abdicate	هٿ کڻڻ- تخت ڇڏڻ
Abdication	اقتدار ڇڏڻ- سلطنت ڇڏڻ- هٿ کڻڻ
Abdomen	پيٽ
Abdominal	پيٽ بابت
-binder	پيٽ بندي

-disease پيٽ جي بيماري
-exercises پيٽ جون ڪسرتون
-reducer پيٽ گھٽائڻ وارو اوزار
-region پيٽ وارو هنڌ
Abdominoscope پيٽ ڏسڻي/پيٽ ڏسڻ جو اوزار
Abdominoscopy پيٽ جي چڪاس
Abdominous وڏي پيٽ وارو
Abduct اغوا ڪرڻ
Abducted اغوا ٿيل- مغوي
Abduction اغوا
Abductor اغوا ڪندڙ
Abecedarian شروعاتي
Aberrance خراب چال چلت
Aberration ڪپت- مغز ۾ خلل
Abet پٺ ٺيڻ- اعانت ڪرڻ (ڏوهه ۾) مدد ڪرڻ
Abetment مجرماڻي اعانت
Abetted اعانت ڪيل
Abetter (Abettor) اعانت ڪندڙ-ڏوهه ۾ مددگار
Abeyance التوا- رُڪيل
Abide قائم رهڻ- پابند رهڻ- انحصار ڪرڻ
-and follow the result پابند رهڻ ۽ نتيجي جي پوئواري ڪرڻ
-by a decision فيصلي جو پابند رهڻ
-by the conditions شرطن جو پابند رهڻ- شرطن جي پابندي ڪرڻ
-by the evidence of a witness گواهه جي شاهديءَ تي پابند رهڻ
-by the result نتيجي جو پابند رهڻ
Abiding قائم- پابند- جتاءِ ڪندڙ
Ability قابليت- اهليت- لياقت
-and capacity قابليت ۽ گنجائش- اهليت ۽ صلاحيت
-patterns قابليت جا نمونا
-principle of taxation محصول وٺڻ جي قابليت وارو اصول

-test قابليت جو امتحان- چڪاس- جاچ
-to stand exposure حالتن کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت/ سردي گرمي برادشت ڪرڻ جي قوت
Ab-initio ابتدا کان- شروع کان
Abject خواري- ڪڏو- نيچ
-poverty غربت جي انتهائي حد- اٿهوند
Abjudicate عدالتي فيصلي ذريعي ڏيارڻ
Abjuration حلفيہ انڪار- حلفيہ هٿ کڻڻ
Abjure اطاعت يا حڪم مڃڻ کان انڪار ڪرڻ- توبهن تائب ٿيڻ
Able قابل- لائق
-bodied تندرست- چگو ويلو
-labour لائق پورهيت
-unemployed لائق بيروزگار
Ablocation مسواڙ تي ڏيڻ
Abnormal غير رواجي
-behaviour غير رواجي ورتاءُ
-child غير رواجي- چريو پار
-conditions غير معمولي حالتون- معمول جي خلاف حالتون
-forest غير رواجي ٻيلو- بي قاعدہ ٻيلو
-increase غير معمولي واڌ
-indent غير معمولي فهرست
-place غير معمولي هنڌ/ جڳهه
-pressure غير معمولي دباءُ
-storm غير معمولي طوفان
-year غير معمولي سال
Abnormality غيرمعمولي پڻو- غير رواجيت
Abode گهر- مڪان- رهائش
Abolish منسوخ ڪرڻ- ختم ڪرڻ- ساقط ڪرڻ

Abolition	خاتمو- منسوخي
-of a post	عهدي جو خاتمو
-of appointment	مقرريءَ جو خاتمو
-of centre	مرڪز جي منسوخي- مرڪز جو خاتمو
-of slavery	غلاميءَ جو خاتمو
-of toll	محصول جو خاتمو- چونگيءَ جو خاتمو
Aboriginal	اصلوڪو- قديم
Aborigines	اصل رهاڪو- اصلوڪو نسل
Abort	ختم ڪرڻ- ڪيڻ چڏڻ
Abortion	پار ڪيرائڻ- ڪچو پوڻ
Abortive	اجايو- ڪچو- ناڪام
-child	ڪچو بار
-guidance	اجائي سونهپ- بي نتيجي واري رهنمائي
-medicine	اجائي دوا
-raid	ناڪام چاپو
-trial	لاحاصل مقدمو- اجايو مقدمو
Abortiveness	بي ثمري- اسڪلتنا- لاحاصلي
About	بابت- اٽڪل- آس پاس
Above	مٿي- وڌيڪ
-and beyond duty	فرضن کان گهڻو- وڌيڪ
-average	سراسريءَ کان وڌيڪ
-cited	مٿي حوالو ڏنل
-mentioned	مٿي ذڪر ڪيل- مٿي ڄاڻايل
-named	مٿيون ذڪر- مٿئين نالي وارو
-noted	مٿي ذڪر ڪيل- مٿي داخل ٿيل
-par	برابريءَ کان مٿي
-question	اعتراض کان مٿي
-quoted	مٿي حوالو بيان ڪيل
-referred	مٿي حوالو ڏنل
-said	مٿي چيل
-standard rent	معيار کان وڌيڪ مسواڙ-معمول کان گهٽي مسواڙ

Abrasion	گاڻ- فرسودگي
-of money	سڪن جي گاڻ
Abrasive	گسائيندڙ- رهڙيندڙ
Abreast	ڪلهو ڪلهي سان- آمهون سامهون
Abridge	مختصر ڪرڻ
-the rights	حقن ۾ گهٽتائي ڪرڻ
Abridged	مختصر
-edition	مختصر- ايڊيشن- مختصر چاپو
-notation	مختصر انگ لکڻ- مختصر نوٽيشن
Abridgement	اختصار- گهٽتائي
-of damages	هرجاڻي ۾ گهٽتائي
A brief note is placed below	مختصر نوٽ هيٺ ڏنل آهي
Abroad	پرديس- پرڏيهه
Abrogate	منسوخ ڪرڻ
Abrogated	منسوخ ٿيل
Abrogation	رد- منسوخي
Abrupt	اوچتو- هڪدم
-ascent	اوچتي چڙهائي- اوچتو چاڙهه
-beginning	اوچتي ابتدا- اوچتي شروعات
-changes	اوچتيون تبديليون
-descent	اوچتي لاهي
-ending	اوچتو خاتمو
Abruptly	اوچتو- هڪدم
Abscond	روپوش ٿيڻ- فرار ٿيڻ- پڄي وڃڻ
-with property	ملڪيت کڻي پڄي وڃڻ
Absconded	پاڻگيلو- روپوش
Abscondence	روپوشي
Absconder	روپوش- پگوڙو
Absconding	روپوش- مفرور- فراري
-debtor	روپوش قرضي
-offender	روپوش ڏوهاري
Absence	غير حاضري- پر پٽ

-from duty ڈیوٹي تان غیر حاضري
-on duty ڈیوٹي حي کري غیر حاضري۔ سرکاري ڪم کار جي کري غیر حاضري
-without leave موکل بنا غیر حاضري
Absent غیر حاضر
-voting غائبانہ راءِ ڏهي۔ پرپٹ ووٹنگ
-without leave موکل بنا غیر حاضر
Absentee غیر حاضر۔ باهر گذاربندڙ
-abstract غیر حاضر جو خلاصو
-allowance غیر حاضري الائونس
-capitalism غائباڻي سرمائيداري
-capitalist غیر حاضر سرمائيدار
-fine غیر حاضريءَ جو ڏنڊ
-landlord غیر حاضر زمیندار
-list غیر حاضريءَ جي فهرست
-memo غیر حاضريءَ جي ياداشت
-memo for examiner امتحان وٺندڙ لاءِ غیر حاضريءَ جي ياداشت
-owner غیر حاضر مالڪ۔ غائب رهندڙ ڌڻي
-ownership غائبانہ مالڪي
-rate غیر حاضريءَ جي شرح
-slip غیر حاضري واري پرچي
-statement غیر حاضريءَ جو بيان
Absenteeism غیر حاضريت۔ عدم موجودگي
-rate غیر حاضريت جي شرح
Absentia fee غیر حاضريءَ جي في
Absolute قطعي۔ ڪامل۔ بلڪل
-acceptance قطعي قبوليت۔ قطعي مڃتا
-advantage مطلق مفاد۔ پورو لاڀ
-assignment قطعي ذميواري
-bequest مطلق ورثو
-ceiling انتهائي حد۔ انتهائي اوچائي

-contraband قطعي منع ڪيل
-conveyance قطعي انتقال نامو
-conviction ڪامل يقين
-difference مطلق تفاوت۔ مطلق فرق
-discretion ڪامل اختيار
-estate ڪامل ملڪيت۔ ڪامل جاگير
-field مطلق ميدان۔ مڪمل شعبو
-humidity مڪمل گهم
-idea مطلق تصور۔ مطلق خيال
-impediment مطلق منع نامو
-justice مطلق انصاف
-law مطلق قانون
-liability ڪامل ذميواري۔ مطلق جوابداري
-majority قطعي اڪثريت۔ مطلق گهڻائي
-minimum بنهہ گهٽ ۾ گهٽ
-minimum necessity بنهہ گهٽ ۾ گهٽ ضرورت
-motion مطلق چر پر
-necessary قطعي اٽل۔ قطعي ضروري
-necessity قطعي ضرورت۔ قطعي گهرج
-occupancy tenant مطلق قبضيدار
-order قطعي حڪم۔ قطعي ترتيب
-owner قطعي مالڪ۔ ڪامل مالڪ
-ownership مطلق مالڪيت۔ ڪامل مالڪي
-power مطلق اختياري
-precedent مطلق مثال۔ مطلق اڳوٽو مثال
-presumption قطعي قياس۔ قطعي گمان
-privilege مطلق استحقاق۔ مطلق خاص حق
-prohibition قطعي منع۔ قطعي روڪ
-property مڪمل ملڪيت۔ ڪامل جائيداد
-rule مطلق قاعدو
-taxable capacity محصول پذيريءَ جي مطلق سگهہ
-title ڪامل سند۔ ڪامل پروانو

-value	مطلق قدر ـ مطلق قيمت
-veto	رد ڪرڻ جو مطلق حق
Absolution	نجات ـ معافي
-day	نجات جو ڏينهن ـ معافي جو ڏينهن
Absolutism	مطلق العناني
Absolve	بي ڏوهي ٺهرائڻ ـ معاف ڪرڻ ـ آجو ڪرڻ
Absolved from liability	بي ڏوهه ـ جوابداري کان آجو ٿيڻ
Absolvitor	بريت جو حڪم ـ معافيءَ جو حڪم
Absorb	جذب ڪرڻ ـ چُهڻ ـ ضم ڪرڻ
-in annual increments	سالياني واڌاري ۾ ضم ڪري چڏڻ
Absorbed solutions	جذب ٿيل محلول
Absorbefacient	جذب افزا ـ جذب ٿيڻ جهڙو
Absorbency	جذب پذيري ـ چُهڻ جي صلاحيت
Absorbent	جاذب ـ چهندڙ
Absorption	جذب ـ چُهڻ ـ محويت
-and elimination of poison	زهر جذب ٿيڻ ۽ ڪيڏي چڏڻ
-band	جذب ڪرڻ واري پٽي
-co-efficient	جذب ڪرڻ وارو قدر
-glass	چُهڻ وارو شيشو
-loss	چُهڻ وارو زيان
-pit	چُهڻ واري کڏ
Absorptive	جاذب ـ جذب ٿي وڃڻ وارو
-power	جذب ٿيڻ جي قوت
Absorptivity	جاذبيت
Abstain	پري رهڻ ـ پرهيز ڪرڻ ـ باز رهڻ
-from voting	ووٽنگ ۾ حصو نه وٺڻ
Abstainer	پري رهڻ وارو ـ پرهيز ڪرڻ وارو
Abstention	پرهيز
Abstinence	اجتناب ـ پرهيز
-theory	پرهيز جو نظريو

Abstract	خلاصو ـ تت ـ وچور
-and transcript	خلاصو ۽ نقل
-art	تجريدي فن ـ تجريدي هنر
-bill	بل جو خلاصو
-budget	بجيٽ جو خلاصو
-concept	مجرد تصور ـ خيالي وبچار
-Economics	تجريدي معاشيات
-idea	مجرد تصور ـ مجرد خيال
-learning	تجريد جو عمل
-number	مجرد انگ
-of accounts	حساب جو خلاصو ـ ليکي جو وچور
-of cost	لاڳت جو خلاصو ـ خرچ جو وچور
-of daily money order	روزاني مني آرڈر جو وچور
-of estimate	تخميني جو خلاصو ـ ڪٽ جو وچور
-of expenditure	اخراجات جو خلاصو ـ خرچ جو وچور
-of expenses	خرچن جو خلاصو
-of income	آمدنيءَ جو خلاصو ـ اپت جو وچور
-of indictment	فرد جرم جو خلاصو ـ تهمت نامي جو وچور
-of objections	اعتراضن جو خلاصو
-of original and revised estimates	بنيادي ۽ نظرثاني ٿيل تخميني جو خلاصو
-of petition	عرضداشت جو خلاصو ـ پٽيشن جو خلاصو
-of pleas	عرضن جو خلاصو ـ دليلن جو وچور
-of statement	بيان جو خلاصو
-statement of accused	جوابدار جي بيان جو خلاصو
-of stock issues	اسٽاڪ جاري ٿيڻ جو خلاصو ـ ذخيرا جاري ٿيڻ جو خلاصو
-of stock receipts	اسٽاڪ وصوليءَ جو خلاصو ـ اسٽاڪ وصوليءَ جي رسد جو خلاصو
-of title	مالڪيءَ وارن دستاويزن جو خلاصو

-principle تجريدي اصول
-reasoning تجريدي دليل بازي
-return مختصر گوشوارہ
-return of expenditure خرچ جي گوشوارن جو خلاصو
-sheet وچور وارو پنو
-statement تجريدي بيان
-stockist ہڈو واپاري
-thought مجرد فکر ۔ مجرد سوچ
-translation تت جو ترجمو ۔ خلاصي وارو ترجمو
Abstraction تجريدي ۔ تصور ۔ ويراگ
-monger وهمي ۔ خيال پرست
Abstruse گوڑهو ۔ سمجهڑ ۾ مشکل
Absurd واهيات ۔ عبث ۔ کل جهڑو
Absurdity واهيات پڻو ۔ بيهودگي
Abundance ڪثرت ۔ جهجائي
-of money افراط زر ۔ ناڻي جي جهجهائي
Abundant جام ۔ جهجهو ۔ وافر
-proof ڪافي ثبوت ۔ وافر ثبوت
Abuse ناجائز استعمال ۔ گاريون ڏيڻ ۔ بيجا ڪم آڻڻ
-of concession رعايت جو ناجائز استعمال
-of confidence اعتماد/پروسي جو ناجائز استعمال
-of discretion صوابديد جو ناجائز استعمال
-of law قانون جو بيجا استعمال
-of liberty آزاديءَ جو بيجا استعمال
-of licence سنڈ جو ناجائز استعمال
-of power اختيارن جو بيجا استعمال
-of process ڪارروائيءَ جو بيجا استعمال
-of process of court عدالتي ڪارروائيءَ جو بيجا استعمال
Abusive language گار گند واري زبان
Abut متصل ۔ لڳو لڳ هجڻ
Abutment سهارو ۔ پٺ پراڻي

-pier پيل پايو
Abuttals لڳو لڳ ۔ ايراضيءَ جون حدون
Abutter لڳو لڳ جائيداد جو مالڪ
Abutting متصل ۔ لڳو لڳ
-owner لڳو لڳ مالڪ ۔ مالڪ
Academic اڪيڈمڪ ۔ علمي ۔ تعليمي
-ability علمي قابليت ۔ علمي لياقت
-body اڪيڈمڪ باڊي ۔ علمي جماعت
-council علمي ڪائونسل ۔ علمي مجلس ۔ عملي سيا
-currency علمي ترويج ۔ علمي رواج
-discussions علمي مباحثا
-dissertation علمي مقالو
-exercise علمي مشق ۔ علمي اپياس
-freedom علمي آزادي/ آجائي
-honour علمي اعزاز/درجو
-interest علمي چاهه ۔ علمي غرض
-matters علمي معاملا
-qualification علمي لياقت ۔ علمي گُڻ
-specialization علمي مهارت
-work علمي ڪم
-year تعليمي سال
Academical علمي ۔ تعليمي
-costume علمي لباس ۔ علمي پوشاڪ
-degree علمي ڊگري ۔ علم سنڈ
Academy اڪيڈمي ۔ مڪتب ۔ پاڻ شالا
Acardiac بي دل ۔ قلب
Acaudal بي دم
Accede منظور ڪرڻ ۔ شامل ٿيڻ ۔ قبول ڪرڻ
-and acquiesce منظور ڪرڻ ۽ رضامندي ڏيڻ
Acceded state شامل رياست ۔ انتظامي رياست
Accelerate تکوهلائڻ ۔ رفتار وڌائڻ ۔ جلدي ڪرڻ

Accelerated تيز كيل ـ تيز ٹيل
-child تيز ذهن واروبار
-depreciation تكڑي گھتتائي قدر ہر تيز ہي قدري
-promotion تكڑي ترقي
Accelerating تيز/ تيز كندڑ
-bonus تكڑو بونس
-premium تكڑي قسط
Acceleration تكائي ـ تيزي
-of development ترقيءَ جي تيز رفتاري
-of estate ملكيت جي تيز رفتاري
-of social change سماجي تبديليءَ جي تيزي
-of succession وارثت ہر تيزي
-principle تيزيءَ جو اصول
Accelerative رفتار وڌائيندڑ
Accelerator تيز كرڻ وارو
Accelerometer تيزي ماپڻ وارو اوزار ـ رفتار ماپڻو
Accent لهجو/ ڳالهائڻ جو انداز/ اُچار ہر لاهہ چاڑهہ
Accentuate زور وجهڻ
Accentuation تاكيد ـ زور
Accept قبول كرڻ ـ مڃڻ
-a bill انگ اكر قبول كرڻ ـ بل منظور كرڻ
-a responsibility ذميداري قبول كرڻ
-a service نوكري قبول كرڻ
-a title لقب/ حق تسليم كرڻ
Acceptability قبوليت جوگو هئڻ
Acceptable مڃڻ جهڙو ـ قبوليت جوگو
-application قبول كرڻ جهڙي درخواست
Acceptance قبوليت ـ مڃتا ـ منظوري ـ تسليمي
-letter قبوليت وارو خط ـ منظوريءَ وارو پروانو
-market انگن اكرن واري بازار
-note قبوليت نامو ـ منظوريءَ جي يادداشت
-of bill of exchange انگن اكرن واري ڏي وٺ جي قبوليت

-of office عهدي جي قبوليت
-of royalty رائلٽيءَ جي قبوليت ـ حق تصنيف جي قبوليت
-of tender ٽينڈر جي قبوليت ـ ٽينڈر جي منظوري
-of transfer منتقلي جي قبوليت ـ انتقال جي قبوليت
-under reserve تحفظ هيٺ قبوليت
Acceptation عام مفهوم ـ رواجي معنيٰ
Accepted مڃيل ـ منظور ٽيل ـ قبول كيل
-bill منظور ٽيل بل ـ قبول كيل بل
-custom تسليم ٽيل رواج ـ مڃيل پر
-for payment ادائگيءَ لاءِ منظور كيل
-official candidate منظور ٽيل سركاري اميدوار
-standard تسليم ٽيل معيار
Acceptation زباني اقرار
Acceptor قبول كندڑ
-for honour عزت لاءِ قبول كندڑ
-of bill of exchange انگ اكرن جي متاستا كي قبول كندڑ
-'s liability قبول كندڑ جي ذميواري
Access رسائي ـ پهچ ـ لنگهہ
-and use of air هوا جو گذر ۽ ان جو استعمال
-between husband and wife زال مڙس وچ ہر رابطو
-bridge ملائيندڑ پل ـ عبوري پل
-to children پارن تائين رسائي
Accessibility دسترس ـ پهچ جهڙو هجڻ
Accessible پهچ جي قابل
Accession دخل ـ واڌارو ـ الحاق
-number داخلا جو نمبر ـ اندراج جو نمبر
-of property املاڪ جو لاڳاپو ـ جائداد جو الحاق
-register داخلا وارو رجسٽر ـ اندراج وارو رجسٽر (ڪتاب)
Accessory مددگار ـ ضمني ـ شريڪ
-after the fact حقيقت كان پوءِ مددگار

-before the fact حقيقت کان اڳ مددگار
-during the fact حقيقت جي دوران مددگار
-licence ضمني لائسنس ـ فرعي لائسنس
-minerals ضمني معدنيات
-obligation ضمني پابندي
-rights ضمني حق / متعلق حق
-species ضمني قسم ـ واڌو جنسون
-system ضمني نظام ـ ضمني سٽاءُ
-to adultery زنا جي ڏوهه ۾ شامل
Accessories (accessories) ضرورتون ـ لوازمات ـ لاڳاپيل شيون
Accident حادثو ـ اتفاق
-benefit حادثي جو معاوضو
-drill حادثي جي مشق
-frequency rate حادثن جي شرح
-insurance حادثاتي وبمو
-prevention حادثن جي روڪ
-proneness حادثاتي جهڪاءُ ـ حادثاتي امڪان
-rate حادثن جي شرح
-severity rate حادثن جي سختي جي شرح ـ حادثن جي تيزي جي شرح
-stop map حادثي واري جڳهه جو نقشو
Accidental حادثاتي اتفاقي
-abortion اتفاقي بار ڪرڻ ـ حادثاتي ڪُهاڻي
-amputation حادثاتي طور عضوي جو وڍجڻ
-charges غير متوقع ـ خرچ ـ حادثاتي خرچ
-error اتفاقي پُل
-explosion حادثاتي ڌماڪو
-injury حادثاتي ڦٽجڻ ـ حادثاتي چوٽ
-mistake اتفاقي غلطي ـ اتفاقي پُل
-omission اتفاقي نظر چُڪ ـ اتفاقي غفلت
-slip اتفاقي ڦِرڻ ـ اتفاقي ترڪ
Accidentally اتفاقن ـ حادثاتي طور تي ـ اتفاقي طور تي

Acclimation هوا طبعيت تي پوڻ ـ آب هوا تي هرڻ
Accommodate گنجائش ڪڍڻ ـ جڳهه ڏيڻ
Accommodating سهولت وارو ـ سنهج وارو
-party سهولت ڏيندڙ ڌر
-terms سهولت وارو شرط
Accommodation جڳهه ـ گنجائش ـ سهولت ـ رهائش
-bill سهنجائتوبل
-lands رهائش واري ايراضي
-paper سهولتي بل / آسان چنو
-party مددگار ڌر
-works مددگار تعميرات
Accommodatum سهولت وارو ـ آسان
Accompanied by ساڻ هر ـ سان گڏ
Accompany ساڻ ـ گڏ وڃڻ
Accompanying سان لاڳو ـ متعلق
-acts متعلق ايڪٽ ـ متعلق قانون / لاڳاپيل قاعدو
Accomplice گناهه ۾ شريڪ
Accomplishment قابليت ـ سگهڑائي ـ حاصلات
Accord مطابق هجڻ ـ منظور ڪرڻ ـ ملڻ ـ ناهه ـ معاهدو
-a reception استقبال ڪرڻ ـ آدر پاءُ ڪرڻ
-and satisfaction منظوري ۽ راضپو
-of account حساب جي مطابقت
-sanction منظوري ڏيڻ
Accordance موافقت ـ مطابق
-with the form نموني مطابق طريقي مطابق
Accordant مطابق ـ موافق
According مطابق ـ سازگار ـ پٽاندڙ
-to ان موجب ـ ان مطابق ـ جي مطابق
-to law قانون موجب ـ قانون مطابق
-to order حڪم موجب ـ حڪم مطابق
-to rule قاعدي موجب

-to specification تفصيل موجب ـ تفصيل نامي مطابق
-to the availability of funds فنڈن جي دستيابيءَ مطابق
-to the requirements of the case مقدمي جي گهُرجن مطابق
Accordingly جي مطابق ـ نتيجي طور
Accouchement ويم ـ زچگي
Accoucheur ويم جو ماهر
Account حساب ـ ليکو ـ کنڈو ـ کاتو
-adjustment حساب جو نبيرو ـ حساب جي سنوار
-balance بقايا حساب
-book اڪائونٽ بڪ ـ ليکي واري ڪتاب ـ وهي بندي
-code اڪائونٽ ڪوڊ ـ حساب جو ضابطو
-day حساب ڪتاب واري ڏينهن
-for سبب هجڻ ـ حساب ڏيڻ ـ سبب بيان ڪرڻ
-form اڪائونٽ فارم ـ حساب فارم
-holder اڪائونٽ هولڈر ـ کاتيدار
-keeping اڪائونٽ ڪيپنگ ـ حساب ڪتاب رکڻ ـ ليکو رکڻ
-ledger اڪائونٽ ليجر ـ پڪي وهي
-number اڪائونٽ نمبر ـ کاتو نمبر
-of contract allotment معاهدي ملڻ جو حساب / ليکو
-of expenditure خرچ جو حساب ـ اخراجات جو حساب
-of receipts and balances وصولي ۽ بقايائن جو حساب
-of rent مسواڙ جو حساب
-on the footing of willful default جاڻي واڻي غير ادائگيءَ جو حساب
-section اڪائونٽ سيڪشن ـ حساب واري شعبو
-value مالیت جو حساب
Accountability احتساب ـ بازپرس ـ ذميواري
Accountable جوابدار ـ ذميوار
-receipts ذميواري واريون رسيدون

Accountancy اڪائونٽينسي ـ حساباري
Accountant اڪائونٽنٽ ـ حسابدار ـ ليکاري
-cum-Cashier اڪائونٽنٽ ڪم ڪيشر ـ حسابدار خزانچي
-general حسابدار اعليٰ ـ وڏو حسابدار
-General Pakistan Revenues اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان ريونيوز
-Incharge اڪائونٽنٽ انچارج ـ انچارج حسابدار
-'s daily balance sheet اڪائونٽنٽ جي روزاني بقايا جو پنو
Accounting ڳٽپ ـ حساب ڪتاب
-device حسابداريءَ جو طريقو
-machine اڪائونٽنگ مشين ـ حساب ڪرڻ واري مشين
-manual حساب ڪتاب جي قاعدي واري ڪتاب
-of expenditure خرچن جي حسابداري
-of stock مال جي حسابداري ـ ذخيري جي ڳٽپ
-period حسابي مدت ـ حسابي عرصو
-procedure حسابداريءَ جو سرشتو
Accounts حساب ـ ڏيتي ليتيءَ ـ کاتا
-and Audit Department حساب ڪتاب ۽ چڪاسڻ واري کاتو
-and Treasury forms حسابن ۽ خزاني جا فارم
-Branch حسابن واري برانچ
-clerk اڪائونٽس ڪلرڪ ـ حساب ڪرڻ واري منشي
-committee اڪائونٽس ڪاميٽي ـ حسابن واري مجلس
-department اڪائونٽس ڊيپارٽمينٽ ـ حسابن واري شعبو ـ ليکي جو کاتو
-irregularities حسابي بي ضابطگيون
-objection حسابي اعتراض
-officer اڪائونٽس آفيسر حساب ڪتاب واري آفيسر
-point of view حسابي نقطئ نگاهه

-sub committee اڪائونٽس سب ڪاميٽي
-summary اڪائونٽس سمري- حسابن جو خلاصو
-year حسابي سال
Accouter پريل ۽ سينگاريل
Accoutrement سازسامان- آرائش جو سامان
Accredit اختيار ڏيڻ- سنڊ سان موڪلڻ
Accreditation منظوري
Accredited بااختيار-مجاز- اختيار سنڊ رکندڙ
-agent مختيار- مجاز- نائب منيم
-delegate مجاز عيوضي
-envoy مجاز ايلچي
Accrediting Agency منظوري ڏيندڙ ايجنسي
Accretion واڌ - اضافو
-and adhesion واڌ ۽ ڇهڻ
-of land ايراضي جي واڌ
A crimination الزام لڳائڻ
Accroach ايراضي غصب ڪرڻ- دست اندازي ڪرڻ
Accroachment دست اندازي- دخل اندازي
Accrual حصول- مليل- واجب الوصول هجڻ
-basis واجب الادائي جو بنياد
-date واجب الادائيءَ جي تاريخ
-of right to sue دعوي جي حق جو حاصل ڪرڻ
Accrue روينيو جو اضافو- محصولن جي واڌ
-and occur ملڻ- حق حاصل هجڻ
Accrued واجب الوصول- مليل
-assets واجب الوصول اثاثا
-by alluvion ڪچي جي زمين
-expenses واجب الوصول خرچ
-income وڌايل آمدني- حاصل ٿيندڙ آپت
-interest وصول ٿيندڙ سود- واجب الوصول وياج
Accruing واجب الوصول

-and owing واجب الوصول ۽ واجب الادا
-costs واجب الوصول لاڳت
-debt واجب الوصول قرض
-dividend واجب الوصول ورهايل منافعو- حاصل ٿيل پتي
-interest حاصل ٿيل وياج
Accumulate جمع هجڻ- گڏ ڪرڻ
Accumulated جمع ٿيل- گڏ ٿيل
-dividend گڏ ٿيل ورهايل منافعو
-profit گڏ ٿيل نفعو
-surplus جمع ٿيل واڌارو (رقمون)
-wealth گڏ ٿيل ڌن
Accumulation جمع ٿيڻ - ميڙي چونڊي
-of debt قرض جو جمع ٿين
-of filth گند جو ڍير لڳي وڃڻ- ڪچرو جو ڍير جمع ٿيڻ
-of income اپت جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ
-of wealth دولت جو جمع ٿيڻ- ڌن جو گڏ ٿيڻ
Accumulative اجتماعي- گڏيل
-divided گڏيل ورهايل نفعو
-judgement گڏيل فيصلو
-legacy گڏيل ورثو
-sentence مجموعي سزا
-stock مجموعي ذخيرو
Accumulator جامع گڏ ڪندڙ
-plates گڏيل بجلي پليٽون- گڏيل بجلي ترڇ
Accuracy برابري- مڪملتا- سچائي
Accurate درست - پورو- برابر
-note درست ڪيفيت ناموصحيح نوٽ
-noting درست مڪڻ- صحيح نموني ڪيفيت کي چٽڻ
-opinion صحيح رايو- درست خيال

-version صحيح بيان۔ صحيح نسخو

Accurately ascertain درست اندازي سان جاچ ڪرڻ۔ پرپور تسلي ڪرڻ

Accusable الزام لائق

Accusation الزام۔ تهمت

Accusatory تهمت آميز۔ تهمت وارو

Accuse الزام رکڻ۔ تهمت لڳائڻ

Accused ملزم۔ تهمتي۔ جوابدار

-person ملزم شخص۔ جوابدار

-respondent جواب ڏيندڙ ملزم

Accuser مدعي۔ فريادي

Achieved حاصل ڪيل۔ ڪامياب ٿيل

-status حاصل ڪيل رتبو۔ حاصل ڪيل حيثيت

Achievement ڪارنامو۔ حاصلات۔ ڪامياب۔ بهادريءَ جو ڪم

-age حاصل ڪرڻ جي عمر

-of freedom آزادي حاصل ڪرڻ

Achievements ڪارنامو۔ حاصلات

Achromasia بي رنگي

Achromatize lens بي رنگو شيشو

Achromatize بي رنگ بڻائڻ

Achromia بي رنگي

Achromic بي رنگ

Acid تيزاب۔ ڪٽو۔ ترش

-bath تيزابي غسل

-colour تيزابي رنگ

-forming تيزاب ٺاهڻ جو ڪم

-level تيزاب جي سطح

-proof ڪٽاڻ روڪ۔ تيزاب روڪ

-rocks تيزابي ٽڪريون

-salt تيزابي لوڻ

-soil تيزابي مٽي

-test تيزابي ٽيسٽ۔ تيزابي آزمائش۔ تيزابي پرک

Acidic تيزابي

Acidimeter تيزاب ماپو

Acidimetry تيزاب پيمائي

Acidity تيزابيت

Acidulated ترشايل۔ ڪٽو ڪيل

Acknowledge پهچ ڏيڻ۔ مڃڻ۔ باسڻ۔ رسيد ڏيڻ

-the receipt of the letter خط وصول ٿيڻ جو اطلاع ڏيڻ/رسيد ڏيڻ

Acknowledged تسليم ٿيل۔ مڃيل

-fact تسليم ٿيل حقيقت

-owner تسليم ٿيل مالڪ

Acknowledgement رسيد پهچ۔ قبوليت۔ موت۔ اقرار

-form رسيد فارم

-form for receipt of letters خط وصولي لاءِ رسيد فارم

-of debt قرض جو اقرار

-of liability ذميواريءَ جو اقرار

-of ownership مالڪيءَ جو اقرار

-of paternity ولديت جو اقرار

-of payment ادائگي جو اقرار۔ ادائگي جي رسيد

-of receipt رسيد جي وصولي

-slip رسيد پرچي۔ وصولي وارو پنو

Acology علاجيات

A copy is forwarded نقل موڪلجي ٿو/ نقل اڳتي وڌائجي ٿو

Acoumeter سماعت ماپڻو۔ ٻڌڻ جي صلاحيت ماپڻ۔ ٻوڙائپ ماپڻ

Acoumetry سماعت پيمائي

Acousmatagnosis آواز جي سڃاڻپ نہ هجڻ

Acoustic صوتي۔ آواز وارو

-centre صوتي مرڪز۔ آوازي مرڪز

-image صوتي تصوير۔ آوازي تصوير

-method صوتي طريقو- صوتي رستو

-perception صوتي ادراک- صوتي جاڻ

Acoustically handicapped ٻڌڻ جي قوت کان محروم

Acoustics علم صوتيات- سُروديا

Acquaintance واقفيت- ڏيٺ- آگاهي

Acquainted واقف- آگاهه

-with facts حقيقتن کان آگاهه

Acquest غير وارثتي- قبضو- غير وراثتي املاک

Acquiesce مڃڻ- تسليم ڪري وٺڻ- رضامند ٿيڻ

Acquiescence رضامندي- تسليمي

-by Government and Private own rs سرڪاري ۽ خانگي مالڪن طرفان رضامندي

Acquire حاصل ڪرڻ- کٽڻ

-by purchase خريدڻ- ملهه وٺڻ

possession قبضو حاصل ڪرڻ- هٿ ۾ ڪرڻ

-wrongfully ناجائز طور حاصل ڪرڻ

Acquired حاصل ٿيل- هٿ ڪيل

-character حاصل ڪيل خاصيت- حاصل ڪيل آبرو

-characteristics حاصل ڪيل خاصيتون

-connection حاصل ڪيل لاڳاپا

-expenses مقرر ٿ خرچ

-right حاصل ڪيل حق

Acquisition حاصلات- لاڀ

-of citizenship شهريت جي حاصلات

-of easement آسائش جي حقن جي حاصلات

-of gain نفعي جي حاصلات

-of land ايراضيءَ جي حاصلات

-of land for public purpose عام خلق جي غرض لاءِ ايراضي جي حاصلات

-of right حق جي حاصلات

Acquit بي ڏوهي نهرائڻ- چڏي ڏيڻ- بي باقي

Acquittal رهائي- چٽڻ- بي باقي

-appeal بريت جي اپيل- رهائي لاءِ مٿين ڪورٽ ۾ پڪارڻ

-in law قانوني رهائي

Acquittance بي باقي- چڪتو رسيد

-and receipt بي باقي ۽ رسيد

-roll وصولي جي ياداشت

Acquitted بري- ذميواري کان آجو

Acre ايڪڙ- ٻه جريب

-comb ايڪڙ ڪٽي/ هر جي ڪار

-comb scale ايڪڙ ڪٽي ماپو

-scale ايڪڙ پئمانو- ايڪڙ ماپو

Acreable في ايڪڙ- ايڪڙ جو

Acreage ايڪڙي رقبو- علائقو ايڪڙن ۾

-duty ايڪڙ ڊيوٽي- ڊل ايڪڙ جي حساب سان

-of land ايڪڙي رقبو ايراضي

-rate في ايڪڙ اڳهه

Across آرپار- پرين ۽ پار

Act ايڪٽ- قانون- قاعدو ڪم- عمل

-in law قانوني عمل- قانون موجب

-of attainder شهريت جي حق ۽ وارثت کسڻ واروايڪٽ

-of bankruptcy ڏيوالپڻي جو ايڪٽ

-of commission اختياري عمل

-of court عدالت جو فعل/ عمل

-of God رب جو امر- خدا جو قانون

-of indemnity نقصان جي عيوضي واروايڪٽ- هرجاڻي جو ايڪٽ

-of insolvency ڏيوالپڻي جو قانون- ڏيوالپڻي جو ايڪٽ

-of insubordination بي ادبي جو عمل

-of legislature	قانون سان مجلس جو عمل ـ مقننہ جو قانون
-of oblivion	عام معافي واروايڪٽ ـ سرڪاري معافي واروايڪٽ
-of omission	چڏي ڏيڻ واروعمل ـ ترڪ ڪرڻ واروعمل
-of omission and commission	ترڪ ڪرڻ ـ اختيار ڪرڻ واروعمل
-of Parliament	پارليامانی ايڪٽ
-of pias	عدالت کان باهر وارو
-of renunciation	دست برداريءَ واروايڪٽ ـ تياڳ
-of security	سلامتي واروايڪٽ
-of settlement	بحاليت واروايڪٽ
-of society	سماج جو عمل
-of state	سرڪار جو عمل ـ رياست جو ڪم
-of trespass	بي جاءِ دخل جوعمل
-prejudicially	هرج رسائڻ جو سبب هجڻ ـ تعصب کان ڪم وٺن
-upon	تعميل ڪرڻ ـ عملدر آمد ڪرڻ
Acted illegally or with material irregularity	قانون جي خلاف يا ڪليو ڪلايوبي ضابطگيءَ سان عمل
Acting	قائم مقام ـ ڪچو ـ عيوضي
-allowance	قائم مقامي الائونس
-and controlling company	لارگزار ۾ ڪمپني هلائيندڙ ـ ڪمپني جو ڪارگذار ۾ نگران
-appointment	قائم مقام مقرري ـ ڪچي مقرري
-charge	قائم مقام چارج ـ ڪچي چارج
-in judicial capacity	عدالتي حيثيت ۾ عمل ـ عدالتي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ
-promotion	قائم مقامي ترقي ـ ڪچي ترقي
-rank	قائم مقام وارو رتبو
-together	گڏيل طور تي عمل ڪندي
Actinogram	شعاع نگار

Actinography	شعاع نگار
Actinology	شعاع نگاري
Actinometer	ڪرڻ ماپ ـ ڪرڻُ پيما
Actinoscopy	شعاع بيني ـ ڪرڻ جاچڻ
Actinotherapy	ڪيميائي شعاعي علاج
Action	عمل ـ ڪارروائي ـ ڪم
-and reaction	عمل ۽ رد عمل
-committee	ايڪشن ڪاميٽي ـ ڪارسيا
-for account	حساب سمجهڻ لاءِ ڪارروائي
-for debt	قرض جي سلسلي ۾ ڪارروائي
-for damage	هرجاڻي جي سلسلي ۾ ڪارروائي
-in good faith	نيڪ نيتي سان عمل ڪندي
-in personam	شخصي نالش
-in rem	شين بابت
-may be taken as proposed	تجويز پتاندڙ ڪارروائي ڪئي وڃي
-of adherence	ازداوجي حقن جو اعادو ڪندڙ عمل ـ جوڙي رکڻ جو عمل
-of arrest	گرفتاري جي ڪارروائي
-on the case	مقدمي تي ڪارروائي
Actionable	ڪاروائيءَ جي قابل ـ عمل جوڳو ـ قدم کڻڻ جوڳو
-claim	ڪاروائيءَ جي قابل دعويٰ
-fraud	ڪاروائيءَ جي قابل دوکو
-misrepresentation	ڪاروائيءَ ـ تاديب جوڳي غلط بياني
-wrongs	بي جا عمل
Activate	تحرڪ ۾ آڻڻ
Activated	متحرڪ
Activation	تحريڪ
Activator	محرڪ
Active	فعال ـ اثرڪتو ـ قوّت ـ سرگرم ـ چست
-account	فعال کاتو
-asset	استعمال هيٺ رقم ـ ڪاروبار ۾ لڳل رقم

-balance of payments ادائيگين جو فعال توازن
-balance of trade واپار جو موافق توازن
-band فعال بائنڈ
-business چالو ڪاروبار- سرگرم ڪاروبار
-capital فعال سرمايو- گهمندڙ
-circulation فعال گردش- سرگرم گردش
-concealment جاڻي واڻي لڪائڻ
-confidence عملي اعتماد
-conformity عملي مطابقت
-control اثرائتي نگراني- سخت ضابطو
-crowd فعال ميڙ
-defence فعال دفاع- عملي بچاءُ
-demand اثرائتي گهر
-duty حاضري ڊيوٽي- فعال خدمت
-foreign service فعال پرڏيهي نوڪري
-habits چست عادتون
-help اثرائتي مدد
-helper عملي مددگار- فعال معاون
-interest عملي دلچسپي
-intervention اثرائتي دست اندازي- عملي مداخلت
-list فعال فهرست
-marker تيز بازار- سرگرم بازار
-member سرگرم ڪارڪن
-money فعال موڙي
-partner فعال شريڪ- سرگرم پائيوار
-principle اثرائتو حصو
-service فعال نوڪري- فوجي نوڪري
-stock فعال زر- سرگرم سرمايو
-sympathy عملي همدردي
-teaching manner پڙهائڻ جو فعال طريقو
-therapy اثرائتو علاج
-trade balance تجارت جو موافق توازن

-trust فعال وقف- سرگرم امانت گاهه / سرگرم امانتاڻو
-vocabulary لفظن جو فعال ذخيرو
-volcano برندڙ جبل

Activities سرگرميون- مشغوليون
-of public health circles صحت عام جي حلقن جون سرگرميون

Activity سرگرمي- مشغولي
-analysis سرگرميءَ جو تجزيو
-coefficient سرگرميءَ جي شرح
-methods سرگرميءَ وارا طريقا
-school مشغوليءَ وارا اسڪول- سرگرميءَ وارا مڪتب

Actor مدعي- اداڪار- نقال

Actual اصل- اصلي- حقيقي- سچوچو
-age اصل عمر- اصل جمار
-area اصل ايراضي
-assets اصل اثاثا
-cash value اصل روڪ قيمت
-commodities اصل جنسون
-community حقيقي سماج
-cost اصل لاڳت- اصل املهه
-count اصل شمار- اصل حساب
-damage حقيقي نقصان
-date اصل تاريخ
-date of occurrence (ڪم) ٿيڻ جي اصل تاريخ
-delivery اصل حوالگي- اصل سپردگي
-entry اصل داخلا
-expenditure اصل اخراجات
-expenses اصل خرچ
-facts اصل حقيقتون
-fraud اصل دوکو
-grant اصل عطيو- اصل دان

-inventor	اصل ايجاد كندڑ
-loss	حقيقي نقصان
-military service	ملٹري سروس(اصل) اصل فوجي نوكري
-notice	حقيقي اطلاع ـ اصل نوٹيس
-partner	حقيقي پائيوار ـ اصل حصيدار
-payee's receipt	اصل رسيد وصول كندڑ
-pecuniary damage	حقيقي مالي نقصان
-place of duty	ڈيوٹي جو اصل هنڌ ـ مقرري جي اصل جڳهه
-place of entry	داخل ٿيڻ جو اصل هنڌ
-possession	حقيقي قبضو ـ سچوپچو قبضو
-price	حقيقي ملهه
-produce	حقيقي پيداڻش
-qunatiry	حقيقي مقدار
-rate of pay	پگهار ملڻ جي حقيقي شرح
-ralization	حقيقي وصولي ـ اصل وصولي
-rent	حقيقي جمع بندي ـ حقيقي مسواڙ
-revenue	حقيقي ڊل ـ حقيقي محصول
-sanctioned pay	اصل منظور ٿيل پگهار
-seizure	حقيقي ضبطي ـ حقيقي گرفتاري
-strength	اصل ڳاڻيٽو ـ اصل سگهه
-throughout	سراسري حقيقي ـ شروع کان آخر تائين حقيقي
-traveling expenses	سفر جو حقيقي خرچ
-use of occupation	حقيقي استعمال يا ڪِرت
-value	حقيقي ناڻو ـ حقيقي ملهه
-weight	حقيقي وزن ـ حقيقي بار
-working	حقيقي ڪم ـ حقيقي عمل
-yield	حقيقي پيداوار ـ حقيقي اُپت
Actualities	سچايون ـ حقيقتون
Actuality	سچائيون ـ حقيقتون
Actually	سچائي ـ حقيقت

-received	سچ پچ وصول ٿيل
Actuals	سچا پچا انگ اکر
Actuarial	ويمي جي ڪم بابت
-basis	ويمي ڪار جو بنياد
-science	ويمي جو علم
-tables	ويمي جون جدولون
-valuation	ويمي ڪاري جي
Actuary	ويمي ڪاري جو ماهر
Acuity	تيز فهمي ـ تيز حسي
Acute	ذهين ـ تيز ـ سخت
-angle	سوڙهي ڪنڊ
-or chronic mania	سخت يا ڪهنبي چريائي
-poisoning	شديد زهر زدگي ـ سخت زهر داري
-shortage	سخت کوٽ
Acyclic	بنا ڦيري ـ غير چڪري
Adapt	وانگي ڪرڻ ـ پيٽ تي هلڻ ـ مطابق بنائڻ
Adaptability	مناسبت ـ موافقت
Adaptable	مطابقت لائق
Adaptation	نقل ـ اتاريل نمونو ـ ميل
Adapted	ورتل ـ وانگي ڪيل ـ مطابق بنايل
Adapter	مطابقت ڏيندڙ
Adaptive	مطابق بنجڻ جوڳو
-growth	مطابقتي ـ اوسر ـ مطابقتي ـ واڌ ـ مطابق اڪلاءَ
-response	مطابقي رد عمل ـ مطابقتي جواب
Add	ملائڻ ـ گڏڻ ـ وڌائڻ
-to a charge	فرد جرم ۾ واڌ ڪرڻ ـ تهمت گيري ۾ واڌ ڪرڻ
Added	واڌ ڪيل ـ گهٽو ـ شامل ٿيل
-areas	شامل ڪيل علائقا
-copy	واڌو نسخو ـ وڌيڪ اُتارو

-edition وڌايل چاپو

-to the reserve of the High Court هاءِ ڪورٽ جي حفاظت ۾ وڌايل

Addenda slips واڌو مواد جون پرچيون ـ اضافي مواد جون چٽڪيون

Addendum واڌارو ـ ضميمو

Addicted عادي ـ هيراڪ ـ علتي

Addiction هير ـ عادت ـ علت

Adding machine جوڙ ڪندڙ ڳل ـ ميزاني مشين

Addition واڌ ـ جوڙ ـ اضافو

-and alteration واڌ ۽ ڦير گهير

-compounds واڌ وارا مرڪب

-of optional classes اختياري درجن جي واڌ

-of varieties قسمين قسمين شين جي واڌ

-products پيداوار ۾ واڌ

-to trade-mark وڻج چاپ ۾ واڌ ـ واپاري مارڪي ۾ واڌ

-upon a licence ليسن جي واڌ ـ اجازت نامي جي واڌ

Additional اضافي ـ هيوبـ ـ واڌو ـ واڌو جڳهه

-accommodation اضافي گنجائش ـ واڌو پتو

-allowance اضافي الائونس ـ واڌو پتو

-amount وڌيڪ مقدار ـ واڌو رقم

-appropriation زائد تصرف ـ واڌو ڪاپارو ـ ڪاپو

-assessment واڌو ويل بندي ـ واڌو ڪاڙو

-charge واڌو ذميواري ـ واڌو الزام

-Chief Land Commissioner ايڊيشنل چيف لينڊ ڪمشنر

-Chief Secretary ايڊيشنل چيف سيڪريٽري

-Commissioner ايڊيشنل ڪمشنر

-custodian ايڊيشنل ڪسٽوڊين ـ هيو سنيالينڊڙ ـ ايڊيشنل تحت

-Deputy Commissioner ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر

-Deputy Directress ايڊيشنل ڊپٽي ڊائريڪٽريس

-District and Session Judge ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ سيشن جج

-District Magistrate ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ

-evidence واڌو شاهدي

-expenditure واڌو خرچ ـ واڌو ڪپت

-expenses واڌو خرچ ـ واڌو رقم

-grant واڌو گرانٽ ـ واڌو دان

-Inspector-General of Police ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل آف پوليس

-Inspector of Factories ايڊيشنل انسپيڪٽر ڪارخانه جات

-installation واڌو برپائي ـ واڌو تنصيب

-Judge ايڊيشنل جج

-labour واڌو محنت

-pay واڌو پگهار

-pension واڌو پينش ـ واڌو وظيفو

-price واڌو ملهه

-produce وڌيڪ اپائڻ

-protection واڌو حفاظت ـ واڌو بچاءَ

-Rehabilitation Commissioner (Land) زمين جي بحاليءَ جو ايڊيشنل ڪمشنر

-saving واڌو بچت

-Secretary ايڊيشنل سيڪريٽري

-security وڌيڪ سلامتي / حفاظت

-Sessions Judge ايڊيشنل سيشن جج

-Settlement Commissioner (Land) ايڊيشنل سيٽلمينٽ ڪمشنر (ايراضي)

-sheet واڌو شيٽون ـ واڌو پنا

-subject وڌيڪ مضمون ـ واڌو مضمون

-under-Secretary Establishment ايڊيشنل انڊر سيڪريٽري ـ استيبلشمينٽ

-work واڌو ڪم

Additive اضافي ـ وڌائيندڙ ـ شامل

-process اضافي عمل ـ اضافي ڪارروائي

-property اضافي خاصيت ـ واڌو گڻ ـ شامل جائداد

-reaction اضافي رد عمل

Address پتو ۔ تقریر ۔ سرنامو ۔ عبارت

-for service ملازمت لاءِ پتو

-of mitigation سزا ۾ گھٽتائي لاءِ عرض ۔ سزا ۾ رکمي لاءِ التجا

-on leave موڪل دوران پتو

Addressed to... ... جي نالي موڪليل ۔۔۔ کي موڪليو ويو

Addressee خط وٺندڙ ۔ جنهن کي مخاطب ڪيو ويو هجي ۔ جنهن کي موڪليو ويو هجي

Addresser خطاب ڪندڙ ۔ عرض ڪندڙ کي خط لکندڙ

Addressograph (machine) ايڊريسوگراف (مشين) ۔ ايڊريس لکندڙ مشين

Addressographer پتو لکندڙ ۔ پتو نويس

Adduce ثبوت مهيا ڪرڻ ۔ دليل پيش ڪرڻ

Adequacy جوڳو هجڻ ۔ مناسبت ۔ موزنيت

Adequate جوڳو ۔ مناسب ۔ موزون

-adjustment مناسب نبيرو ۔ جوڳو نبيرو

-consideration مناسب ويچار

-control معقول سار سنڀال ۔ معقول اختيار

-control over expenditure خرچ جي مناسب نگراني ۔ خرچ جي مناسب روڪ

-justification معقول عذر ۔ معقول جواز ۔ مناسب واجبي سبب

-legal defence معقول قانوني دفاع ۔ مناسب قانوني بچاءُ

-livelihood مناسب گذران ۔ مناسب پيٽ قوت

-remedy مناسب علاج ۔ جوڳو تدارڪ

-reserve مناسب بچت جوڳو سرمايو

-safeguards مناسب بچاءُ ۔ مناسب تحفظات

-security مناسب ضمانت ۔ مناسب بچاءُ ۔ مناسب سلامتي

Adhere پابند رهڻ ۔ قائم رهڻ

-to the instruction هدايت جي پابندي ڪئي وڃي ۔ حڪمن جي پابندي ڪريو

Adherence پوئلڳي ۔ حمايت ۔ پابندي

Adherent پوئلڳ ۔ طرفدار ۔ حامي ۔ چنبڙندڙ

-fluid چنبڙائيندڙ پاڻيات

-member پوئلڳ ڪارڪن

Adhesive چنبڙندڙ ۔ چيڙهالو

-bandage چنبڙندڙ پٽي

-court fee stamps عدالتي فيس جون چنبڙندڙ ٽڪليون

-entertainment duty stamps وندر ورونهن محصول جون چنبڙندڙ ٽڪليون

-material چنبڙندڙ مواد

-stamps چنبڙندڙ ٽڪيلون ۔ چنبڙندڙ اسٽامپ

Ad hoc ايڊهاڪ ۔ عارضي ۔ وقتي

-committee ايڊهاڪ ڪاميٽي ۔ في الوقتي ڪاميٽي

-indent عارضي طلب نامو

Investigation في الوقت جاچ ۔ عارضي پچا ڳاڇا

-receiver وقتي امين

Ad infinitum آپار ۔ بي حد اڪٽ

Ad interim ڪچو ۔ درميان ۔ تنهن وچ ۾

-reply عبوري جواب ۔ ڪچو جواب

Adjacent ويجهو ۔ لاڳيتو ۔ پاسي وارو

-angle پاسي واري ڪنڊ

-side ويجهو پاسو

Adjective اضافي ۔ عارضي ۔ صفتي

-colour عارضي رنگ ڪچو رنگ

-dye ناقص رنگ ۔ ڪچو رنگ

-law اضافي قانون ۔ ضابطي جو قانون

Adjoin ملائڻ ۔ متصل ڪرڻ

Adjoining دنگئي ۔ متصل ۔ لاڳيتو

-area دَنگئي ايراضي

-estate لڳو لڳ جائيداد

-towns لاڳيتا شهر

Adjourn مهمل کرڻ ـ ملتوي کرڻ ـ برخاست کرڻ
-sine die اڻ ڄاڻايل مدي لاءِ ملتوي کري
Adjourned ملتوي ـ مهمل ٿيل
-hearing مهمل ٿيل ٻڌڻي / شنوائي
-sales مهمل ٿيل وڪرو
-summons ملتوي طلب نامو
Adjournment مهملي ـ برخاستگي
-motion مهمليءَ جي رٽ
Adjudge فيصلو کرڻ ـ فتوي ڏيڻ نبيرڻ
Adjudged نبريل ـ فيصل ٿيل
-insolvent ڏيوالو قرار ڏنل
Adjudicate تجويز کرڻ ـ فيصلو کرڻ ـ حڪم ٻڌائڻ ـ عدالتي فيصلو / ڏيوالو ـ ڪتل قرار ڏيڻ ـ فتوا ڏيڻ
Adjudicating creditor ڏيوالو قرار ڏنل قرضي
Adjudication تجويز ـ فيصلو ـ حڪم ـ ڏيوالي جو حڪم
-of disputes تڪرارن جو فيصلو
-order عدالتي حڪم ـ ڏيوالي جو حڪم
Adjudicator حاڪم ـ ڏيوالو قرار ڏيندڙ منصف
Adjunct لاڳو ـ شامل
Adjunction گڏائڻ ـ گڏجڻ ـ شامل کرڻ
Adjuration حلف ـ قسم
Adjure حلف وڻڻ ـ قسم کڻائڻ
Adjust صاف کرڻ ـ نبيرو کرڻ ـ ملائي بيهارڻ
Adjustable نبيري جوڳو ـ نبيري لائق
-bond نبيري جوڳو بانڊ
-tax نبيري جوڳو ٽيڪس ـ نبيري لائق محصول
Adjusted نبريل ـ برابر ڪيل
-death rate موت جي نبريل شرح
-in reduction of expenditure خرچن ۾ گهٽتائي جو نبيرو

Adjuster نبيرو ڪرائيندڙ ـ ناهه ڪندڙ
Adjusting نبيري وارا
-charges نبيري وارا خرچ
-entries نبيري واريون داخلائون
Adjustment نبيرو ـ صفائي ـ سنوار
-bond نبيري وارو بانڊ
-by transfers منتقلي ذريعي نبيرو
-memo نبيري جي ياداشت
-mortgage نبيري واري گروي
-of accounts حسابن جو نبيرو
-of advance پيشگي رقم جو نبيرو ـ پيشگي رقم جو اصل بلن سان برابر ٿيڻ (مالیات)
-of arrears بقايائن جو نبيرو
-of debits واصل رقم جو نبيرو ـ لهڻي واري رقم جو نبيرو ـ قرضن جو نبيرو
-of debts قرضن جو نبيرو
-of decree فرمان ذريعي نبيرو ـ سرڪاري حڪم ذريعي طي کرڻ
-of interest accounts وياج وارن کاتن / حسابن جو نبيرو
-of loss گهاٽي جو نبيرو ـ ڇيهي جو نبيرو
-of property جائداد جو نبيرو
-of rent مسواڙ جو نبيرو ـ ڏل جو نبيرو
-of suit مقدمي جو نبيرو
-of supply رسد جو نبيرو ـ پهچ جو نبيرو
-voucher نبيري واري رسيد
Ad lib خواهش مطابق
Ad libitum ضرورت مطابق ـ خواهش مطابق
Ad measurement ورهاست جي ماپ کرڻ
Administer انتظام رکڻ ـ اهتمام کرڻ
-a deceased's estate فوتي جي جائداد جو انتظام رکڻ
-a poison or drug زهر يا دوا ڏيڻ ـ زهر يا دوا استعمال کرڻ
-an oath حلف وڻڻ

Administered	انتظام هيٺ
-area	انتظام هيٺ علائقو
-price	مقرر ٿيل مُلهه
Administration	انتظام۔ اهتمام۔ حڪومت۔ تنظيم۔ انتظاميا
-bond	انتظامي دستاويز
-channels	انتظامي ذريعا
-charges	اهتمام جو خرچ۔ انتظامي خرچ
-expenses	انتظامي خرچ
-intricacies	انتظامي مونجهارا
-of assets	اثاثن جو انتظام
-of civil justice	ديواني انصاف۔ سول انصاف
-of criminal justice	فوجداري انصاف
-of Government	حڪومتي ڪارروهنوار۔ حڪومت جو انتظام
-of injection	سئي هڻڻ۔ انجيڪشن هڻڻ جو انتظام
-of justice	عدل ڪرڻ۔ انصاف ڪرڻ
-of medicine (or drug)	دوا ڏيڻ۔ دوا جو استعمال
-of State	رياست جو ڪاروهنوار
-order	انتظامي حڪم
-paper	انتظامي ڪاغذ پٽ
-reforms	انتظامي سڌارا
-report	انتظامي اطلاع۔ انتظامي رپورٽ
-section	انتظامي شعبو۔ انتظامي باب
-suit	انتظامي مقدمو
-wing	انتظامي شعبو۔ انتظامي پاسو
-with will annexed	لاڳو وصيت ۽ ترڪي جو اهتمام
Administrative	انتظامي
-accountability	انتظامي پڇاڻو
-accounts	انتظامي حساب
-action	انتظامي ڪارواهي
-and budget officer	انتظامي۽ بجيٽ آفيسر
-and technical staff	انتظامي ۽ هنري عملو
-approval	انتظامي منظوري
-audit	انتظامي آڊٽ۔ انتظامي چڪاس
-authorities	انتظامي اختياريون
-board	انتظامي بورڊ۔ انتظامي مجلس
-Body	انتظامي باڊي۔ هئيت انتظامي
-channel	انتظامي ذريعو
-civil Judge	انتظامي سول جج
-competent authority	بااختيار انتظامي حاڪم/ انتظامي مجاز اختياري
-control	انتظامي ضابطو۔ انتظامي اختيار
-convenience	انتظامي سهنجائي۔ انتظامي سهولت
-council	انتظامي ڪائونسل
-court	انتظامي عدالت
-decision	انتظامي فيصلو
-department	انتظامي ڊپارٽمينٽ۔ انتظامي ڪاتو
-division	انتظامي ورهاڱو۔ انتظامي ڊويزن
-duties	انتظامي فرض
-effectiveness	انتظامي اثر اندازي
-efficiency	انتظامي قابليت
-expediency	انتظامي مصلحت
-function	انتظامي ذميواري
-head	انتظامي سربراهه
-inconvenience	انتظامي ڏکيائي۔ انتظامي دقت
-insight	انتظامي بصيرت
-instructions	انتظامي هدايتون
-judge	انتظامي جج/ منصف
-jurisdiction	انتظامي اختيارن جو دائرو
-justice	انتظامي انصاف
-law	انتظامي قانون
-layout	انتظامي خاڪو
-limitation	اختيار جون انتظامي حدون

-machinery انتظامي مشينري ـ انتظامي تنظيم
-management انتظامي بندوبست
-Officer ائڈمنسٹریٹو آفیسر / انتظامي عملدار
-order انتظامي حكم
-organization انتظامي تنظيم ـ انتظامي جماعت
-powers انتظامي اختيار
-rank انتظامي رتبو ـ انتظامي درجو ـ انتظامي عهدو
-reforms انتظامي سڌارا
-reforms Commission انتظامي سڌارن واري كميشن
-reorganization نيئن سر انتظامي تنظيم
-sanction انتظامي منظوري
-secretary انتظامي سيكريٽري
-situation انتظامي صورتحال
-skill انتظامي مهارت ـ انتظامي كاريگري
-staff انتظامي عملو
-structure انتظامي بناوت ـ انتظامي خاكو
-system انتظامي سرشتو ـ انتظامي نظام ـ انتظامي ستاءُ
-technique كم جو انتظامي طريقو ـ انتظامي كارروائي
-unit انتظامي ايكو ـ انتظامي يونٽ
-wing انتظامي شعبو ـ انتظامي پاسو

Administrator منتظم ـ انتظام هلائيندڙ
-ad litem مقدمي دوران منتظم
-during minority نابالغي دورن منتظم
-general and Official Trustee سركاري امين ۽ اعليٰ منتظم
-of Auqaf اوقاف جو منتظم
-of estates جاگير جو منتظم
-of the war charities جنگي خيراتي عطين جو منتظم
-pendente lite مقدمي دوران سنڀالينڊڙ

Administatorship انتظاميت ـ مهتمي ـ منصرمي

Administratrix مهتممه ـ منصرمه
Admirable ساراهه جوگو
Admirably ناهوكي طريقي
Admiral ايڊمرل ـ امير البحر
-'s flagship امير البحر جو نمائيندہ سركاري جهاز
Admiralty امير البحري ـ بحري كاتو
-action بحري كاتي جي كارروائي
-and Army Council بحري كاتو ۽ فوجي كائونسل
-cause بحري كاتي جي حصي جي دعوي
-court بحري كاتي جي عدالت
-division امير البحري ڊويزن
-jurisdiction بحري كاتي جي اختيارن جو دائرو
Admiration ساراهه ـ واكاڻ
Admirer مداح ـ ساراهڻ وارو
Admiring behaviour تعريفي رويو
Admissibility جواز ـ قبوليت ـ سماعت پذيري
-of funds فنڈن جو جواز ـ رقم جو جواز
-of leave موكل جو جواز
Admissible جائز ـ پڌرڻ جوگو ـ منظوري لائق
-evidence پڌرڻ جوگي شاهدي
-in evidence پڌرڻ جوگي شاهدي طور
-to Civil Servants سول ملازمت جي قابل
-under the rules قاعدن تحت منظوري لائق
Admission داخلا ـ منظوري ـ قبوليت
-and discharge داخلا ۽ نيكال
-and withdrawal register داخلا ۽ نيكال جو رجسٽر
-application داخلا جي درخواست
-by misrepresentation غلط بياني ذريعي داخلا ـ غلط بياني ذريعي قبوليت
-cum-permission form داخلا فارم / اجازت نامو
-fee داخلا جي فيس
-form داخلا فارم ـ ايڊميشن فارم

-in criminal cases فوجداري مقدمن ۾ ڏوهه قبولڻ
-number داخلا نمبر
-of application درخواست جي داخلا
-of candidates اميدوارن جي داخلا
-of claim دعوي جي قبوليت- دعوي جو مجحڻ
-of guilt ڏوهه جو اعتراف
-rate داخلا جي شرح
-register داخلا جو ڪتاب/ رجسٽر
-slip داخلا جي پرچي- ايڊميشن سلپ
-tax داخلا جو ٽيڪس- داخلا جو محصول
-test ايڊميشن ٽيسٽ- داخلا ٽيسٽ- داخلا جو امتحان
-ticket داخلا جي ٽڪيٽ
-to bail ضمانت جي منظوري
-to degrees سندون عطا ٿيڻ- ڊگريون ملڻ
-with permission اجازت سان داخلا

Admit داخل ڪرڻ- منظور ڪرڻ- تسليم ڪرڻ
-an appeal اپيل قبول ڪرڻ- مٿين ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرڻ
-to bail ضمانت منظور ڪرڻ- ضمانت تي آزاد ڪرڻ

Admittable منظوري جوگو- قبوليت لائق
Admittance داخلا- منظوري
Admitted داخل ٿيل- منظور ٿيل- مڃيل- تسليم ٿيل
-debt تسليم ٿيل قرض
-difference مڃيل اختلاف
-fact مڃيل حقيقت- مڃيل سچاڻپ
-for Rs. مبلغ..... روپين ۾ داخل ٿيل
-in evidence شاهديءَ ۾ شامل ڪيل
-murder مڃيل خون
-set off مڃيل چوٽ- منظور ٿيل مجرائي

-to occupation دخل ياب- والار جي قبوليت
Admixture گڏ گڏ- ملاوٽ- مرڪب
-of cotton ڪپهه جي ملاوٽ
Admonish سمجهائڻ- تاڪيد ڪرڻ
Admonition فهمائش- تنبيهه
Admonitioner فهمائش ڏيندڙ
Adolescence ٽئين بلوغت- نوبالغ ٿيڻ واري عمر- جوبن جي شروعات
Adolescency نوجواني- ٽئون جوبن
Adolescent سامائل- جوان- نوبالغ
-convict ننڍي ڇمار وارو ڏوهاري
-court نون بالغن جي عدالت
-offender ننڍي ڇمار وارو ڏوهاري
-problems ننڍي ڇمار وارن جا مسئلا
-psychology نوبالغن جي نفسيات- ننڍي ڇمار وارن جي نفسيات
-sprit جواني ۽ جو ولولو
Adopt اختيار ڪرڻ- هنج وٺڻ
-and enact اختيار ڪرڻ ۽ قاعدو ناهڻ
-the resolution ٺهراءَ منظور ڪرڻ
Adopted اختيار ڪيل- هنج ورتل
-child هنج ورتل ٻار
-daughter هنج ورتل ڌيءَ
-father (or mother) پيءُ يا ماءُ سڏيل
-son هنج ورتل پٽ
Adopter هنج وٺڻ وارو
Adoption هنج وٺڻ اختيار ڪرڻ
-of children ٻارن جو هنج وٺڻ
-of contract معاهدي جي قبولي
Adoptionism هنج وٺڻ جو نظريو
Adoptive اختيار ڪيل
-acts اختيار ڪرڻ جا عمل
Adpromissor ضامن

Ad referendum	استصوابي ـ لوڪ راءِ هيٺ
Adrift	لڙهندڙ ـ اوليل
Ad seriatum	سلسلي وار ـ ترتيب وارو
Adroit	چالاڪ ـ قڙت
Adult	بالغ ـ ساماڻيل
-age	بلوغت جي عمر ـ سامائڻ جي ڇمار
-by majority	قانوني بالغ ـ عمر جي لحاظ کان بالغ
-by puberty	جسماني طور تي بالغ ـ علامت آڌار بالغ
-education	بالغن جي تعليم
-education centre	بالغن جي تعليم جو مرڪز
-education committee	تعليم بالغان ڪميٽي
-education officer	بالغن جي تعليم جو آفيسر
-education Survey	بالغن جي تعليم جي سروي
-franchise	بالغ راءِ دهي ـ بالغن کي ووٽ جو حق
-guidance	بالغن جي رهنمائي
-intelligence-scale	بالغن جي ڏهانت جو پيمانو
-literacy	بالغن جي پڙهائي
-male population	بالغ مردن جي آبادي
-member	بالغ رڪن
-prisoner	بالغ قيدي
-reformatory	بالغن کي سڌارينڊڙ ـ بالغن جي سڌاري جو مرڪز
-suffrage	بالغن جي ووٽ ڏيڻ جو حق
-workers	بالغ پورهيت ـ بالغ ڪارڪن
Adulterant	ملاوٽ ڪندڙ ـ دوکي سان گڏائيندڙ
Adulterate	گڏائڻ ـ ملاوٽ ڪرڻ
Adulterated food	ملاوٽ واري خوراڪ
Adulteration	ملاوٽ ـ دغا سان گڏڻ
Adulterer	زاني
Adulteress	زاني (عورت)
Adulterine	حرامي ـ ناجائز
Adulterous connection	ناجائز جنسي لاڳاپا

Adultery	زنا
Ad valorem	شين جي ملهه مطابق ـ نرخ پٽاندڙ ـ ماليت مطابق
Advance	پيشگي ـ سوڀي ـ تقاوي ـ اڳوات ـ زر ڏيڻ ـ پيش قدمي
-account	پيشگيءَ جو حساب / کاتو
-against merchandise	واپار جي مال جي پيشگي
-against securities	حفاظت لاءِ سوڀي
-bearing interest	وياج واري پيشگي
-bill	پيشگي بل ـ ايڊوانس بل
-cash	ايڊوانس رقم ـ پيشگي روڪ رقم
-copy	ايڊوانس ڪاپي ـ پيشگي نقل
-copying fee	نقل جي پيشگي اجرت
-course	ايڊوانس ڪورس ـ اعليٰ نصاب ـ عمدو نصاب
-electrical and mechanical Engineering	ايڊوانس اليڪٽريڪل ۽ مڪينيڪل انجنيئرنگ
-felling	اڳوات ڪٽائي ـ ڪيرائڻ
-freight	بار برادريءَ جي پيشگي شرح
-growth	وقت کان اڳ واڌ ويجهه ـ وقت کان اڳ ظاهر ٿيڻ
-guaranteed	ضمانت ٿيل پيشگي
-guard	اڳتي وڌيل جٿو
-increment	پگهار ۾ اڳوات ساليانو اضافو
-intimation	اڳوات اطلاع
-marking	اڳوات نشان لڳائڻ ـ پيشگي نشان ڪاري
-money	پيشگي رقم
-note	پيشگي نوٽ ـ پيشگي يادداشت
-order	اڳوات حڪم
-paid	اڳوات ادا ڪيل
-party	هراول جماعت ـ اڳيان اڳيان هلندڙ جماعت

-payment پيشگي ادائگي ـ پيشگي ادائگي
-salary bill پگهار جو پيشگي بل
-signal پيشگي اشارو ـ ايڈوانس سگنل
-track ايڈوانس ٽريڪ ـ اڳتي وڌيل پيچرو
-training اعليٰ تربيت
Advanced اعليٰ ـ ترقي يافته
-method اعليٰ طريقئ ڪار
-rate وڌندڙ شرح
-stage of decomposition تحليل جي وڌيل حالت
-Studies and Research Board اعليٰ تعليمي ۽ تحقيقي بورڊ ـ اعليٰ مطالعاتي ۽ تحقيقي بورڊ
Advancement ترقي ـ سڌارو ـ واڌارو ـ چاڙهو
-of interest or capital وياج يا اصل رقم ۾ واڌارو
-of trial پڌڻي هيٺ مقدمي ۾ واڌارو
Advance پيشگي زر ـ پيشگي رقمون
-for purchase of produce پيداوار جي خريد لاءِ پيشگي زر
-not bearing interest بنا وياج جي پيشگي رقمون
on a mortgage گرويءَ تي پيشگيءَ جون رقمون
to probationers آزمائش هيٺ ماڻهن لاءِ پيشگي رقمون
to tenants هارين / مسواڻين لاءِ پيشگي رقمون بقاوي
Advancing year وڌندڙ ڄمار
Advantage فائدو ـ نفعو ـ سرسي ـ اُپت ـ لاڀ
Advantageous فائدي واري ـ سجاڻ ـ مفيد
-disposal فائدي وارو تصفيو ـ نفعي وارو اڪلاءُ
Advection گرميءَ جي افقي لهر
Advent آمد ـ ظهور اڇ ـ شروع ٿيڻ
Adventitious هاڻريون ـ عارضي ـ اتفاقي
-deafness عارضي ٻوڑاڻ ـ اتفاقي ٻوڑو ٿيڻ
-distinctions عارضي تفاوت
-increments اتفاقي سالياڻا اضافا ـ معمول جي خلاف واڌ

Adventure مهم ـ جانبازيءَ جو ڪم
Adventurer مهم جُو ـ جانباز ـ نصيب آزمائو
Adversary مخالف ـ دشمن ـ حريف
Adverse مخالفت وارو ـ برخلاف ـ ناموافق
-base rate ناموافق بنيادي شرح
-claim برخلاف دعويٰ ـ برخلاف مطالبو
-consequence ناموافق نتيجو
-effect ابتو اثر
-enjoyment ناموافق خوشي
-entry ناڪاري داخلا ـ مخالفت واري داخلا
-opinion مخالفاڻي راءِ
-party مخالف ڌر
-possession مخالفت وارو قبضو
